28/08/2023

# سنڌ فلڊ ايمرجنسي هائوسنگ ريڪنسٽرڪشن پروجيڪٽ" (SFEHRP)

# ماحولياتي توڙي سماجي اثرن جي سنڀال بابت تيار ڪيل هڪ جامع هدايت نامو

## خلاصو:

سنڌ سرڪار (GoS) 2022 ۾ آيل ٻوڏ سبب متاثر ٿيل گهرن جي ٻيهر اڏاوت لاءِ عالمي بئنڪ جي مالي سهڪار سان "سنڌ فلڊ ايمرجنسي هائوسنگ ريڪنسٽرڪشن پروجيڪٽ" (SFEHRP) نالي سان هڪ منصوبو شروع ڪيو آهي. سنڌ حڪومت ان منصوبي تي عملدرآمد لاءِ آئين جي سيڪشن 42 تحت "سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ افيڪٽيز (SPHF)" جي نالي سان هڪ خانگي ڪمپني جوڙي آهي، جيڪا ڇاٽايل منصوبي لاءِ " پروجيڪٽ امپليمينٽيش يونٽ (PIU)" طور ڪم ڪندي.

( ESMF) جوهي دستاويز SFEHRP منصوبي جي عملدرامد دوران ماحولياتي توڙي سماجي اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ جامع هدايت نامو آهي جنهن کي ماحولياتي ۽ سماجياتي حقن کي تحفظ فراهم ڪرڻ بابت عالمي بئنڪ جي جڙيل قائدن تي ٻڌل پاليسيءَ (ESS) ۽ پاڪستان جي وفاقي/سنڌ جي صوبائي قانونن کي سامهون رکي تيار ڪيو ويو آهي.

## منصوبي جو پسمنظر:

سال 2022ع جي جون ۽ آگسٽ مهينن ۾ پاڪستان ۾ تيز مينهن وسيا، جنهن جي نتيجي ۾ آيل ٻوڏ سبب وڏي پيماني تي تباهيءَ جو منهن ڏسڻو پيو، 2022ع ۾ آيل ٻوڏ جا هاڃيڪار سماجي ۽ معاشي اثر پيا، 33 ملين کان وڌيڪ ماڻهو متاثر ٿيا ۽ اٽڪل 22 لک گهرن کي نقصان رسيو يا اهي مڪمل طور تباهه ٿي ويا، جڏهن ته 12 لک جانور مري ويا ۽ 13 هزار ڪلوميٽرن تي ٻڌل روڊ رستا پڻ متاثر ٿيا هئا. ٻوڏ سبب پهتل ناڪاري معاشي اثرن جو مرڪز زرعي شعبو رهيو،هڪ سروي رپورٽ موجب اٽڪل 36 لک ايڪڙن تي پوکيل فصل تباهه ٿي ويو، جيڪو ڪل زرعي ايراضيءَ جو 30 سيڪڙو حصو بڻجي ٿو. ٻوڏ جي نتيجي ۾ ڪپهه، ڪجين، ڪٽڪ ۽ چانورن جي فصلن کي ڪاپاري نقصان رسيو، ٻوڏ سبب بنيادي ڍانچي يا انفراسٽرڪچر، فصلن جي پوکائيءَ تي پوندڙ اثر، مالياتي شعبي تي پوندڙ امڪاني اثر (مائڪرو فنانس ادارن موجب ڇاٽايل مسئلا حل طلب آهن) ۽ انساني سيڙپڪاري کي رسندڙ نقصان ذڪر ڪرڻ جوڳا آهن. شروعاتي اندازي موجب ٻوڏ جي سڌي ريت پوندڙ اثرن جي نتيجي ۾ ملڪي سطح تي غربت جي شرح ۾ 4.0 سيڪڙو واڌارو ٿي ويندو ۽ وڌيڪ 90 لک ماڻهو غربت جي دائري ۾ اچي ويندا.

تجويزڪيل منصوبي جي مدد سان سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن جي ڊٺل گهرن جي نئين سر تعمير ۽ بحالي ممڪن بڻائي ويندي. هن پروجيڪٽ وسيلي ٻوڏ متاثرن کي نوان گهر ٺهرائڻ لاءِ "مالي مدد" مهيا ڪئي ويندي. سنڌ حڪومت جي سهڪار سان 2022ع جي ٻوڏ متاثرن جي بحالي ۽ گهرن جي نئين سر اڏاوت واري منصوبي ۾ ٻوڏ ۽ ٻين قدرتي آفتن کان محفوظ گهر جو ڊزائن متعارف ڪرايو ويو آهي جيڪو اڏجڻ کانپوءِ مستقبل ۾ پيس ايندڙ ٻوڏ ۽ ٻين قدرتي آفتن کان محفوظ رهندو. ان سان گڏوگڏ قائم ڪيل فني شعبو سموري صوبي لاءِ لاڀائتو ثابت ٿيندو، ڇاڪاڻ جو سنڌ ۾ گهرن جي بحاليءَ لاءِ

جيڪي به واڌو فنڊز ملندا سي گھرن جي اڏاوت بابت جڙيل قاعدن، معيار ۽ اصولن تحت خرچ ڪيا ويندا. اهو منصوبي ٻوڏ متاثر علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ وڌيڪ فائديمند آهي، ڇاڪاڻ جو انهن علائقن ۾ تباهه ٿيل گھرن جي اڏاوت/ بحاليءَ لاءِ ”مالي مدد“ مهيا ڪئي ويندي. عالمي بينڪ ٻوڏ سبب مڪمل ڊهي ويل 14 لک گھرن مان اٽڪل 350,000 نوان گھر تعمير ڪرائڻ لاءِ مالي سهڪار فراهم ڪري رهي آهي جيڪا رقم اهڙن متاثر گھرن جي مالڪن کي SPHF ذريعي انهن جي بئنڪ اڪائنٽ ۾ منتقل ڪيا ويندا. گھرن جي اڏاوت مالڪ پاڻ ڪرائيندا جيڪي SPHF پاران جاري ڪيل فني هدايتن مطابق ٺاهيندا ڇو جو انهن فني هدايتن موجب ٺهيل گھر مستقبل ۾ پيش ايندڙ امڪاني قدرتي آفتن کان محفوظ هوندا. انهي مالي سهڪار مان فائدو وٺندڙن مان اٽڪل اڌ انگ عورتن جو هجڻ ضروري آهي.

ان کانسواءِ اٽڪل 400,000 متاثرن کي هن منصوبي جي مدد سان مستقبل جي امڪاني قدرتي آفتن دوران محفوظ اڏاوتي مهارت جي سکيا پڻ ڏني ويندي. جنهن ذريعي سنڌ جي مختلف علائقن جا رهواسي امڪاني قدرتي آفتن کان محفوظ گھرن جي اڏاوت ڪرڻ جي مهارت حاصل ڪري سگھندا ۽ ان عمل سان موسمياتي تبديليءَ سبب پيدا ٿيندڙ امڪاني ڏکيائين کي پڻ منهن ڏئي سگھبو.

**منصوبي جو جائزو:**

SFEHRP پنجن سالن تي جڙيل منصوبو آهي جيڪو هيٺ ڏنل ٽن حصن تي مشتمل آهي:

1: گھرن جي بحاليءَ لاءِ مالي مدد جي فراهمي

2: ادارن لاءِ فني سکيا جي فراهمي

3: منصوبي جي انتظامن ۽ عملدرآمد بابت سهڪار ڪرڻ

هن منصوبي جو مقصد سنڌ حڪومت جي سهڪار سان 2022ع واري ٻوڏ جي نتيجي ۾ ڊهي پيل گھرن جي مالڪن کي قدرتي آفتن دوران گھڻ پاسائن خطرن کي منهن ڏيندڙ نوان ۽ مضبوط گھر ٺهرائي ڏيڻ آهي. لڳ ڀڳ 43 سيڪڙو متاثر رهائشي سندن/سرڪاري دستاويزن کانسواءِ سرڪاري زمين يا ڳوٺاڻي زمين تي رهن ٿا. اهڙين حالتن ۾ جيڪڏهن متاثرن وٽ زمين جا مالڪاڻا حق نه آهن ته صوبائي حڪومت کين رهائشي زمين جا مالڪاڻا حق ”رهائشي زمين جي منتقلي پاليسي“ تحت سنڌ ڪابينا جي منظوريءَ کانپوءِ فراهم ڪندي. اها ڳالهه نوٽ ڪئي وڃي ته متاثر گھر لاءِ ملندڙ مالي سهڪار جي هر اهل شخص زمين جا مالڪاڻا حق وٺڻ جو مجاز ٿئو ٿي سگھي.

منصوبي تحت سندن کان محروم متاثر جيڪي سرڪاري زمين تي ترسيل آهن، جيڪي سرڪاري طور رائج ٿيل ڪنهن به ڳوٺ جو حصو ناهن تن لاءِ پهرين ترجيح سرڪاري طور ڳوٺ منظور ڪرايو ويندو. ٻي صورت ۾ اهڙن متاثرن کي ڪنهن ويجهي سرڪار پاران منظور ٿيل ڳوٺ ۾ اباد ٿيڻ ڏنو ويندو جنهن لاءِ متاثر ٿيل شخص اقرارنامو ڏيندوته هن جي پراڻو تباهه ٿيل گھر پنهنجي زمين تي ٺهيل ڪونه هو.

خانگي زمينن تي موجود سندن کان محروم ماڻهن لاءِ هن منصوبي موجب پهرين ترجيح اها آهي ته زمين جو رضاڪارانه طور عطيعي (VLD) ذريعي متاثرن جي نالي تي منتقل ڪئي وڃي. جيڪڏهن ڇاڻايل زمين جو موجوده مالڪ VLD لاءِ راضي نه ٿئي ته پوءِ متاثرن کي رضاڪاراڻي طورجتي ممڪن

هجي اتي سرڪاري ڳوٺ جي زمينن تي ڪري سگهجي ٿو. انهن حالتن ۾ درخواست ڪندڙ کي اهو ثابت ڪرڻو پوندو ته ڪين پنهنجي اڳوڻي اڏاوتي/ تعميراتي ڍانچي يا گهر جي مڪمل تباهيءَ جي صورت ۾ نقصان رسيو آهي. ( اڏاوتي ڍانچو درخواست ڪندڙ جي ملڪيت هوندو، جڏهن ته زمين سندس ملڪيت ۾ شامل نه هوندي).

## ماحولياتي توڙي سماجي سرگرمين جي عملدرآمد لاءِ موجود پاليسي ۽ ادارتي ڍانچو:

هن منصوبي جي ماحولياتي ۽ سماجي سرگرمين جي انتظام جي ذميواري اهم انتظامي اداري ”سنڌ ماحولياتي تحفظ بابت جوڙيل ايجنسي (SEPA)“ کي سونپيل آهي ۽ سنڌ ماحولياتي تحفظ بابت ايڪٽ، جامع قانونسازيءَ تحت ماحولياتي تحفظ، بحالي ۽ بهتري لاءِ قانوني طريقيڪار فراهم ڪري ٿو، پروجيڪٽ ڇاٽايل ايڪٽ جي گهُرجن تي عمل ڪندو. منصوبي لاءِ سنڌ ماحولياتي تحفظ واري اداري SEPA کان ماحولياتي تحفظ بابت منظوري حاصل ڪئي وئي آهي. لاڳاپيل قانونن ۽ پاليسين ۾ ”پاڪستان موسمياتي تبديليءَ بابت ايڪٽ (2017)“، ”قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ بابت انتظامي ايڪٽ (2010)“، ”سنڌ ماحولياتي تحفظ  بابت قائدا/ضابطا (2021)“، ”سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ ايڪٽ (2021)“، ”سنڌ ثقافتي ورثي بابت (قائدا/ ضابطا) ايڪٽ (1994)“، ”سنڌ جهنگلي جيوت جي تحفظ، قائدن/ ضابطن، حفاظت ۽ انتظام بابت ايڪٽ (2020)“، ” سنڌ پيشه ورانه ۽ صحت ايڪٽ (2017)“، ” سنڌ ٻارن جي پورهئي تي پابندي بابت ايڪٽ (2017)“، ” نوڪري / ڪم جي جاءِ تي عورتن کي هيسائڻ خلاف تحفظ بابت ايڪٽ (2010)“ ۽ سنڌ مڪاني ادارن وارو (ترميمي) ايڪٽ (2021) شامل آهن. وفاقي توڙي صوبائي قانوني گهُرجن سميت هي پروجيڪٽ عالمي بئنڪ جي ماحولياتي ۽ سماجي طريقيڪار (ESF) سان گڏوگڏ ماحولياتي ۽ سماجياتي تحفظ لاءِ جوڙيل قائدن، قانونن (ESSs) جي ضرورتن تي پڻ پورو لهندو.

## منصوبي بابت جامع تفصيل:

(SFEHRP) منصوبي جي پکيڙ سنڌ جي 24 ضلعن تائين آهي، جاگرافيائي لحاظ کان سنڌ پاڪستان جو ٽيون نمبر وڏو صوبو آهي، جنهن جون حدون اٽڪل 579 ڪلوميٽر اتر کان ڏکڻ ۽ 442 ڪلوميٽر (انتهائي) يا 281 ڪلوميٽر (وچترو) اوڀر کان اولهه تائين پکڙيل آهن، صوبي جي ڪل ايراضي 140,915 چورس ڪلوميٽر (54,408 چورس ميلن) تي ٻڌل آهي. سنڌ جي اوڀر ۾ ٿر جو ريگستان، اولهه ۾ کيرٿر جبل ۽ ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ آهي،جڏهن ته وچ وارو حصو سنڌو درياهه جي چوڌاري هڪ زرخيز زمين تي مشتمل آهي. 2022ع جي ٻوڏ دوران سنڌ جا سمورا 4 مختلف حصا: (الف) اولهه طرف کيرٿر سلسلو (ب) سنڌو نديءَ جي وچ ۾ ورهايل هڪ مرڪزي مٿاڇري وارو ميدان (ت) اوڀر ۾ ريگستاني پٽي ۽ (د) ڏکڻ ۾ انڊس ڊيلٽا ٻوڏ سبب متاثر ٿيا.

## سنڌ صوبو ٽن موسمياتي علائقن ۾ ورهايل آهي:

سرو/ اتر (مٿيون علائقو جيڪب آباد، ڪشمور، ڪنڌڪوٽ، شهدادڪوٽ، لاڙڪاڻو، خيرپور، سکر ۽ گهوٽڪيءَ تي مشتمل آهي)

وچولو علائقو: وچولي جو مرڪز حيدرآباد، ڄامشورو، دادو، شهيد بينظير آباد، سانگهڙ نوشهروفيروز آهن)

۽ لاڙ يا هيٺانهين وارو علائقو: (لاڙ جو علائقو ڪراچي، ٺٽي ۽ بدين تي مشتمل آهي).

سنڌ صوبو هڪ زمين جي هيٺانهين واري خطي ۾ واقع آهي، جيڪو اونهاري ۾ گرم ۽ سياري ۾ ٿڌو رهي ٿو، ٻوڏ متاثر ضلعن جي ڪل آبادي 24,755,427 آهي، متاثر ضلعن جي لڳ ڀڳ 51 سيڪڙو (17,851,577) آبادي ٻهراڙيءَ جي علائقن ۾ رهي ٿي، جڏهن ته 49 سيڪڙو آبادي (6,891,905) شهري علائقن ۾ رهندڙ آهي ۽ ٿرپارڪر ضلعي اندر ٻهراڙيءَ جي علائقن ۾ سڀ کان وڌيڪ يعني 92 سيڪڙو آبادي رهي ٿي. متاثر ضلعن ۾ سڀ کان وڌيڪ شهري آبادي خيرپور ميرس ۾ رهي ٿي، پر ٿنهن هوندي به اها مجموعي آباديءَ جو رڳو 32 سيڪڙو آهي، تفصيل رپورٽ ۾ پيش ڪيا ويا آهن.

## ماحولياتي ۽ سماجي خطرن جو جائزو وٺڻ ۽ انهن کي گهٽائڻ جا طريقا:

هن منصوبي تحت ٺهندڙ گهر متاثرن جي مرضيءَ موجب ساڳئي هنڌ يا متبادل ويجهن هنڌن تي تعمير ڪرايا ويندا جيڪي ٻوڏ متاثرن جي ملڪيت هوندا. ننڍي پيماني تي سول ڪم مخصوص ڪيل هنڌ ۽ وڏي جاگرافيائي علائقي ۾ مختلف هنڌن تي ڪيا وڃن ٿا، تنهنڪري هاڃيڪار ماحولياتي ۽ سماجي اثر متوقع نه آهن، پروجيڪٽ جي شروعاتي اسڪريننگ مان حاصل ٿيل تجربو ٻڌائي ٿو ته زميني سرگرمين دوران وچولي سطح جي ماحولياتي ۽ سماجي اثرن جا امڪان بنهه گهٽ آهن.

## منصوبي جي تعميراتي مرحلي دوران امڪاني ماحولياتي ۽ سماجي اثرن ۾ هيٺ ڏنل عنصر شامل آهن:

(ا) ڌوڙ/مٽيءَ جي پيداوار (ب) زمين جي ڪٽائي ۽ تباهي (ت) متاچري ۽ جر جي پاڻيءَ جي گدلي ٿيڻ جو خطرو (ث) زميني گدلاڻ (ج) گندگيءَ جي پيداوار (چ) گوڙ پيدا ٿيڻ (خ) سائيٽ جي صفائي/منظوري ۽ وڻن,ٽڻن/ جانورن تي اثر (هه) پيشيوراڻي صحت ۽ حفاظت (د) ڪميونٽي صحت ۽ حفاظت جا مسئلا (ذ) مزدورن جي آمد ۽ ڪم جون حالتون (ڪ) ٻارن جو پورهيو (ر) GBV/SEA/SH ( m) زمين جي ملڪيت (ن) عورتن سان درپيش ٻاهريان خطرا، نااهل ۽ پٺتي پيل ٽولا (o) اشرافيه/ بااثرن جو قبضو ۽ (پ) نئين سر آبادڪاريءَ جا مسئلا.

منصوبي جي اڏاوتي مرحلي دوران ماحولياتي ۽ سماجي اثرن ۾ گهٽتائي آڻ توڙي انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ گهربل قدم تجويز ڪيا ويا آهن، جيڪي اڏاوتي هنڌن تي لاڳو ڪيا ويندا.

## منصوبي ۾ شامل ڌرين سان صلاح مشورا:

13 مئي 2023 کان 26 مئي 2023 تائين هن منصوبي ۾ شامل مختلف ڌرين سميت ڊونرز، لائين ڊپارٽمينٽس، ڪم ڪندڙ پائيوارن ۽ ٻوڏ متاثرعلائقن ۾ لاڀ حاصل ڪندڙ توڙي لاڀ حاصل نه ڪندڙ ڌرين سان صلاح مشورا ڪيا ويا. ان سرگرميءَ جو مقصد اداري جي ضرورتن کي معلوم ڪرڻ، منصوبابندي ڪيل سرگرمين بابت ڌرين کي آگاهي ڏيڻ، پروجيڪٽ جي ڊزائن کي بهتر بڻائڻ، هم آهنگي پيدا ڪرڻ ۽ مختلف حصن ۾ منصوبي جي سرگرمين جي سماجي – ماحولياتي استحڪام کي وڌائڻ آهي. ان کانسواءِ SPHF اپريل 2023 ۾ هڪ ”سهڪاري گڏجاڻي“ به منعقد ڪئي ته جيئن SPHF جي مقصد ۽ تعميراتي منصوبي بابت سمورن پائيوار ادارن سان معلومات شيئر ڪري ڪين بهتر نموني سمجهايو وڃي. ان مشاورتي عمل دوران اٿاريل مکيه خدشا ڪجهه هن ريت آهن (i) اڪائونٽ

ڪولڻ ۾ مسئلا (ii) بينڪن جو طريقيڪار (iii) فائدو ماٽيندڙن کي فنڊن تائين پهچ ۽ ٻين منصوبن بابت ضرورتن جي مڪمل ڇاڻ جو نه هجڻ.

منصوبي ۾ شامل ٽيمن ڇاٽايل مشاورتي گڏجاڻين دوران ڪميونٽيز کي تفصيلي جواب ڏنا، جيڪي هن رپورٽ ۾ شامل آهن.هڪ اڪيلي سر شموليت تي ٻڌل منصوبو (SEP) جوڙيو ويو آهي،جنهن ۾ شامل اهم ڌرين کي آگاهي ڏيڻ لاءِ رابطي تي ٻڌل حڪمت عملي شامل آهي، جڏهن ته ان عمل ۾ متاثر ڪميونٽيز کي پڻ شامل ڪيو ويو آهي ته جيئن ڪين منصوبي جي سرگرمين بابت اثرائتي نموني سمجهائڻ، ان ۾ مصروف رهڻ ۽ مدد ڪرڻ واري عمل کييقيني بڻائي سگهجي.

## ماحولياتي ۽ سماجي خطرن کي منهن ڏيڻ:

تجويز ڪيل سرگرمين جي ماحولياتي ۽ سماجي انتظام لاءِ مختلف سرگرمين جو تسلسل

• اڏاوتي سرگرمين جي شروعات کان اڳ تجويز ڪيل ذيلي منصوبن جي اسڪريننگ

• مضبوط رهائشي ڍانچي جي ڊزائن جي تياري دوران E&S تي ٻڌل رُخن تي غور ڪيو ويندو.

• اسڪريننگ ۽ پروجيڪٽ تي عمل ڪرڻ دوران متاثر برادرين سميت شامل ڌرين سان مشاورت، SPHF ويب سائيٽ تي ESMF ۽ E&S اسڪريننگ رپورٽون شايع ڪرڻ.

• SPHF جي منظوريءَ کانپوءِ نئين سر آبادڪاريءَ جي سطح تي اسڪريننگ چيڪ لسٽ ورلڊ بئنڪ وٽ منظوريءَ لاءِ جمع ڪرائڻ.

• اڏاوتي هنڌن تي اثرائتي عملدرآمد لاءِ IPz معاهدن لاءِ ماحولياتي ۽ سماجي شقون شامل ڪرڻ.

• تعميراتي مرحلي دوران عمل درآمد ڪندڙ اسٽيڪ هولڊرز طرفان ESMF،اسڪريننگ چيڪ لسٽ /ESCoPs لاڳو ڪرڻ.

SPHF عملدرآمد ايجنسي هجڻ جي ناتي ESMF سميت منصوبي جي مجموعي عملدرآمد کي منظم ڪرڻ جي ذميواري مٿس لاڳو هوندي، ماحولياتي ماهر، سماجي ماهر ۽ جنسي/ صنفي ماهر ان ڳالهه کي يقيني بڻائيندا ته ESMF ۾ ڇاٽايل منصوبي ۽ طريقيڪار تي عمل ڪيو پيو وڃي ۽ پروجيڪٽ جون سرگرميون به عمل هيٺ آهن.

<u>عمل ڪرائيندڙ ڌريون (IPs):</u> ESMF جي قائدن کي لاڳو ڪرڻ ۾ ماحولياتي ماهرن، سماجي ماهرن ۽ صنفي ماهرن جي مدد ڪرڻ، ذيلي پروجيڪٽ جي هنڌن جي اسڪريننگ ڪرڻ، ESMF، RPF، LMP ۽ GRM تي عمل ڪرائڻ.

<u>فائدو حاصل ڪندڙ:</u> ٻوڏ متاثر پنهنجا گهر مضبوط رهائشي ڊزائن ۽ SPHF پاران مهيا ڪيل گهٽ ۾ گهٽ اڏاوتي رهنمائيءَ هيٺ ٺهرائيندا.

<u>غيرجانبدار ڇڪاس ڪندڙ ادارو (Third Party Monitoring Firm):</u> سموري ڪم جي نگرانيءَ لاءِ هڪ ٽئين ڌر جي فرم کي مقرر ڪيو ويندو،جنهن ۾ ESMF ۽ ٻين سماجي توڙي ماحولياتي انتظامي عنصرن تي عملدرآمد ڪرائڻ شامل آهي. اهو سمورو ڪم مسلسل محنت جي بنياد تي منصوبي

جي سچي عرصي دوران ڪيو ويندو. مانيٽرنگ سسٽم کي به ادائيگيءَ جي طريقيڪار سان جوڙيو ويندو ته جيئن متاثرن کي رقم جي ادائيگي کان اڳ درپيش مسئلا اثرائتي نموني حل ڪري سگهجن.

## شڪايتن جي ازالي لاءِ جوڙيل طريقيڪار (GRM):

هن منصوبي جي حوالي سان خدشن ۽ شڪايتن کي حل ڪرڻ ۽ انهن کي سولو ڪرڻ لاءِ متاثرن توڙي عملي لاءِ GRM عوامي سطح تي دستياب هوندي. GRM جو بنيادي مقصد شڪايتن ۽ خدشن کي ترت، اثرائتي ۽ بهتر انداز ۾ حل ڪرڻ واري عمل ۾ مدد ڪرڻ آهي، جيڪو عمل سمورين لاڳاپيل ڌرين کي مطمئن ڪرڻ لاءِ هوندو. اهو سمورو عمل شفاف، اثرائتن ۽ پائيدار نتيجن تي ٻڌل صاف سٿرو ۽ اعتماد جوڳي طريقيڪار تي ٻڌل هوندو. جنسي زيادتين (SEA/SH) ، ٻارن سان زيادتي (VAC) ۽ صنفي تشدد (GBV) سان لاڳاپيل معاملن بابت شڪايتون وصول ڪرڻ لاءِ ايس پي ايچ ايف ۽ شراڪتي ادارن جي ذميوار عملي کي GBV، VAC ۽ SEA/SH جي حوالي سان شڪايتون حل ڪرڻ بابت هڪ تصديق ٿيل ۽ ساڪائتي تنظيم (Firm) کان تربيت ڏياري ويندي. هي منصوبو چاٽايل خدمتون فراهم ڪندڙ ادارن جي لسٽ پڻ ٺاهيندو، جيڪي GBV، SEA/SH ۽ VAC جي متاثر ماڻهن کي مدد فراهم ڪري سگهندا ۽ سمورا لاڳاپيل ڪيس سندن حوالي ڪيا ويندا.

شڪايت گذار چاٽايل طريقيڪار موجب پنهنجون شڪايتون زباني يا لکت ۾ جمع ڪري سگهندا. ان کان علاوه هن منصوبي سان لاڳاپيل شڪايتون ٻين سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن جي ذريعي موصول ٿي سگهن ٿيون.

شڪايتون وصول ڪندڙ ادارو پنهنجي واسطيدار عملي ٻاران موصول ٿيل شڪايتون ويب پورٽل تي رسمي يا غير رسمي طور درج ڪندا. اٽپوري ۽ غير لاڳاپيل شڪايت جي صورت ۾ شڪايت ڪندڙن ڪندڙن کي داخل نہ ڪيو ويندو (جنهن ۾ فون نمبر، اي ميل ۽ ٽپال جو پتو شامل آهن). هڪ ڀيرو داخلا ٿيڻ کان پوءِ، هر شڪايت جو رڪارڊ رکڻ لاءِ نظام پاڻمرادو هڪ منفرد شڪايت ٽوڪن نمبر (GTN) مهيا ڪندو، جنهن بعد نظام پاڻمرادو ان ٽوڪن نمبر کي واسطيدار شڪايت ڪندڙ ڏي منتقل ڪندو. ان کان علاوه هر هڪ ڳوٺاڻي اڏاوتي ڪميٽي (VRC) شڪايتي رجسٽر پڻ رکندي.

## ESMF جي سرگرمين جي عملدرآمد تي ايندڙ لاڳت:

ESMF جي سرگرمين جي عملدرآمد تي ايندڙ لاڳت جو اندازو 187.1 ملين PKR (USD 0.65 m) آهي. ان لاڳت جي مطابق منصوبي ۾ شامل ڌرين جي سکيا ۽ نئين سر آبادڪاريءَ دوران اڏاوتي مرحلي ۾ حصو وٺندڙن کي پنهنجو تحفظ يقيني بڻائڻ لاءِ سازو سامان جي فراهميءَ تي ايندڙ خرچ پڻ شامل آهي.